سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2005

SINDH ORDINANCE NO. III OF 2005

سنڌ واٽر مينجمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 2005

THE SINDH WATER MANAGMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XL جي دفعہ 5 جي ترميم

Amendment of section 5 of Sindh Ordinance of XL of 2002

3. 2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XL جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Ordinance of XL of 2002

سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2005

SINDH ORDINANCE NO. III OF 2005

سنڌ واٽر مينجمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 2005

THE SINDH WATER MANAGMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

[8 اپريل، 2005]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ واٽر مينجمينٽ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ واٽر مينجمينٽ آرڊيننس، 2002 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ واٽر مينجمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 2005 سڏيو ويندو. (2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.	مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement
2. سنڌ واٽر مينجمينٽ آرڊيننس، 2002 ۾، جنهن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، جي دفعہ 5 ۾،- i. ذيلي دفعہ (1) ۾، شق ۾، ذيلي شق الف جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:- "a. آبپاشي ۽ بجلي واري واري وزير يا حڪومت پاران مقرر ڪيل ڪو بہ شخص..... چيئرمين؛" ۽؛ ii. ذيلي دفعہ (8) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:- "(8) چيئرمين، آفيشو چيئرمين يا ميمبر کان علاوه ڪو بہ سياسي عهدو نٿو رکي سگهي ۽ جيڪڏهن چيئرمين آفيشو يا ميمبر کان علاوه ڪو بہ چونڊيل چيئرمين ، نامزد يا ڪنهن بہ سياسي آفيس ۾ مقرر هجي تہ اهو چيئرمين يا ميمبر نٿو بڻجي سگهي يا هڪ رڪن فوري اثر سان گڏ.	2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XL جي دفعہ 5 جي ترميم Amendment of section 5 of Sindh Ordinance of XL of 2002
3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ دفعہ 8 جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:- "8.(1) چيئرمين ۽ ميمبر ايس آءِ ڊي اي جي اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي خدمتون سرانجام ڏيندا جيڪي تجويز	2002 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XL جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of section 8 of Sindh Ordinance of XL of 2002	ڪيا ويندا. (2) اڳوڻي چيئرمين کان علاوه چيئرمين ۽ ايڪسو آفيشو ميمبر کان علاوه ٻيا ميمبر جيستائين استعيفيٰ نٿا ڏين يا پهريان ئي هٽايا وڃن ٿا، تہ پوءِ چار سال جي عرصي جي لاءِ عهدي تي فائز رهندا ۽ ٻي عرصي جي لاءِ ٻيهر مقرري جي قابل هوندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.